# سچل سرمست

L...
Institute of Sindhology
University of Sind Jamshoro Sind

مهتمم

آغا غلام نبي گل حسن خان (صوفي)

(حڪيم حاذق)

شڪارپور

دفع ٻهراون — ڪاپيون ٥٠٠

١٩٣٣ع

قيمت ٠-٠-٥

سچانند ليوٽند رام ٺاريجا شيام سندر ٻجلي پريس
شڪارپور ۾ ڇپيو

ڪلجڳ ۾ عشق جو اوتار



سخي سلطان شاه دراز

V
61523
6.11.83

Printed by :— Sachanand Newandram Talreja,
at the Shyam Sunder Printing Press,
Lakhi-gate, Shikarpur.
and
Published by Hakim G. G. Agha Sufi
Municipal Road, Shikarpur Sind.

(All rights reserved.)

استادن راڳ جا جيڪي وقت مقرر ڪيا آهن، انهن مان هر هڪ راڳ پنهنجي انهيءَ مقرر ڪيل وقت تي ڳاتو ويندو، ته پنهنجو تاثير نه رڳو ٻڌندڙ ۽ ڳائيندڙ جي دل تي پيدا ڪندو، بلڪ ڪائنات تي اهڙو تاثير ته پيدا ٿيو پوي، جو بعضي قدرت جي پردي تي عجيب نيشان ظاهر ٿيو پون. جهڙيءَ طرح سا رنگ جي ڳائڻ سان بادل برسڻ لاءِ ٻڌجيو اچن. ديپڪ جي ڳائڻ سان آتش جا آلا ٻريو پون وغيره. ٻي ڳالهه هي آهي، ته راڳ جي ڳائڻ وقت جيڪا شڪل انهيءَ راڳ جي مقرر ٿيل آهي، اها تصوير تصور ۾ ويهاري، پوءِ اهو راڳ شروع ڪرڻ گهرجي، جهن جو تاثير سڀ پنج طرفين تي طرحين طرحين طريقن سان پوي ٿو. آسا جي ڳائڻ جو وقت صبح جو سويرو ٦ کان ٩ بجي تائين آهي.

آسا جو لباس سفيد پر اُجرو ۽ چمڪي سان آهي. آسا جو عشق حقيقي آهي ۽ نه مجازي.



# حق موجود

## خيال اول

(وحدت = هيڪڙائي)

### سر آسا

( ١ )

اول پيري پيچ – سڀني بند خيالات جا
تهن پڄاڻو وچ – حالا جي حيرت ۾.

( ٢ )

اول گمراهي – آهي رباني راه ۾
تهان پو همراهي – آهي هدايت جي.

( ٣ )

اول هدايت – ڄاڻڻ سان جا ڄاڻيچ
زياده ضلالت – آهي انهيءَ وچ.

(۴۵)

اول ڪفر پوءِ محيط، پوءِ منجهه اسلام
ملا سمجهين ڪين ڪي، تون محبوبن جي مام
ڪهڙي ڪلام — ڏيکي نقصون نگريا .

(۴۶)

اديون آدم ناهيان، فلڪ نه آ فلڪن
خيالون اچي اوچتي، خلل وڌم خلقن
ناهي ميسر ملڪن — اها امانت عشق جي .

(۴۷)

ناهي ميسر ملڪن، اها امانت
خامن خيانت — وڏي اچي عشق ۾ .

(۴۸)

حدين وڃي ڊڪو، لاحد وڃي پير
سچو سو فقير — جو حد لاحد لنگهي وڃي ،

(۴۹)

جا ڏي ڪياڙي — سجدو تا ڏي نه ڏني
جا ڏي مهاڙي — سجدو تت صحي ٿيو .

(۵۰)

جتي ماڻهن ميڙ، آءُ تتي ناهيان
سسي سڌيان — پٺي شاه حلاج جي .



(۵۱)

جي تون تجريد — تا آئين نه تفريد ۾
ڪاٿي ٿي توحيد — ڪاٿي ڪثرت ڪل جي .

(۵۲)

پسي پٽ پليوس — تا آءُ آدمي آهيان
وڃان جان ويوس — ساڃيو سچو آهيان .

(۵۳)

ٻيائي ٻاهر ڇڏ — سچا آءُ احديت ۾
لحمون دمتون لڳ — ته ٻاڪائي ٻاڪ ٿئي .

(۵۴)

جهڙو ٻايم ٻاطن ڪي، تهڙو آهيان آءُ
باقي رهيو ناءُ — سچو مون صاحب جو .

(۵۵)

ٻوڙي ڪين اڇو، ٻي ٻي ڪين ويو
نفي ۽ اثبات کان، پري پختو پيو
سچل سچ ڏيو — ٻي ٻاهر ٻولي ناه ڪا .

(۵۶)

جي اڇين تا اچ — نه ته هت ٻورن ٻچاڙيو
محبت ٻاريو مچ — سيڪي ۾ سچل جي .

## سر گجري

سر آسا بعد، صبح جي پهر، ڳائڻ ودِيا جي فن جا ماهر سر توڙي ڳائيندا آهن. گجري سر توڙي جي هڪ شاخ آهي، جا آسا سان لڳو لڳ ڳائڻ ۾ ايندي آهي؛ تنهنڪري هت سر آسا بعد، سر گجري کي جاءِ ڏني وئي آهي. انهيءَ کان سواءِ جيئن آسا جي سر ۾ گهڻو ڪري خدا تعاليٰ جي خودوندي، يڪتي ۽ هيڪڙائي ڳاتي وڃي ٿي، تيئن سر گجري ۾ به اها هيڪڙائي جي حقيقت ڳائڻ ۾ ايندي آهي. جنهنڪري سچل سرمست جا اُهي ٻره جا بياض هن سر ۾ ڏنا ويا آهن؛ جن کي هن حقيقي هادي معرفت جي مام ۾ مضموس ڪيو آهي. گجري جي ڳائڻ جو وقت آسا بعد ۸ کان ۹ بجي تا صبح جو آهي.

# خيال ٻيو

## (معرفت)

### سر گجري

( ۱ )

احد احمد صورت ساڳي، سر ٻنهي جو سوئي
الست بربڪم قالو بليٰ، پهنجو پاڻ اکيوئي
سچا حاضر هر جا هادي، سمجهين سر سيوئي
غائب سمجهي غير نه ڄاڻي، حق الحق اهوئي.

( ۲ )

حق الحق اهوئي آهي؛ تو جهڙن غير ٿي ڄاتو
عرفت ربي بربي، پاڻ پاڻ سچا تو
ڪلي ڪل انهن کي پيڙي، پير ايڏ لهه جن پاتو.

( ۳ )

الف سچا ڪي احديت وارو، ٻي تي ڪين اڙياسي
شرح ملا ڪنز قدوري، ڪافيا ڪين پڙهياسي
غير خيالن کنڊ ڏئي، پر احد منجهه لڙياسي

(۲۵)

اوڏو عبادت نه وڃين، جي لکو پڙهين ليڪ
واحد وحي موڪليو، احمد آکيو ايڪ
ڏان تون وڃين ڪيئن، مخالف مصحف جي.

(۲۶)

ملا انهي منڊ جو، چڪو جي چکين
ڪارنهه ڪٽي ڪنڊ ۾، ويٺو منهن مکين
سبق سي سکين، جي سورائڻ سکيا.

(۲۷)

حسبي ۽ حسبي ۾ ذاهد پڙهين زور سان
حسن حبيبن جو ڏسي، ترڪ ڪرين تسبي
ڪم نه ڪمن ڪسبي، سچن سرڙا ست ۾.

(۲۸)

قطرا آب عرق، سونهن سڄڻ منهن تي
جرڪن جهلڪن ڏائين، جن ۾ پهچن ماڪ مرڪ
داڳن ڪن درڪ ۽ دل ۾ درديلن جي.

(۲۹)

ابرو ڪنديا قريب جا، وار ڪنديا ڪارا
اکيون ڪنديون عجيب جون، ماڻڪ موچارا
محرابي مرغول ڪنديا، پيشاني پارا
مٺا موچارا، سدا مهنجا سپرين.



(۳۰)

حبيبن حبشي، پيرو رکيو پاڻ تي
اندر اچڻ کان اڳي، ڪاتي تهن ڪشي
رخ انهي رشي، ڪروڙين قتل ڪيا.

(۳۱)

مصحف پاڪ چوان، منهنجو محبوبن جو
آيتون منهنجي عشق جون، مطالع ڪيان
قاري اڃي ڪو پڙهي، سچي هئي روان
حرف سڀ سوان، ڏيکو ڏسان ڪونه ڪو.

(۳۲)

خاصو خوب خيال، دمامي دمدم سان
وحدت جو وصال، پانگو پيا پسين وڃي.

(۳۳)

عاشق انا الحق، آکيو پيو آکياج
هادي عبدالحق، حرف هدايت مي چيو.

# خيال تيون

## ڀاڱو ٻيو

### سر پيروي

(١)

ڪي جو صاحب لکيو، سو ملا واچڻ لئيو
جڏي اڳي سکيو، سڀڪُل تن صحي ڪيو.

(٢)

خبر ڪهين جو خط، آيس جو عجيب ڏاڍ
روئي اکين رت، ڪري مطالع من سان.

(٣)

ڪليون اُس اُڙهان، ساجن سلامن جون
پرزو پاڻ پڙهان، پڌايان نه ٻين کي.

(٤)

اُڙهان اُس لکيون، پرين پيغامن جون
سي رقيب سکيون، تو پڌائي ٻين کي.



(٥)

ڪي جو لکيائين، سو ملا وچي واچيو
هڪ سٽ پڙهيائين، ٻي سٽ سڏ ڪن نه ٿيو.

(٦)

پرزو پڙهڻ آءُ، اُتي ملا مسيت مان
سڀئي جو سماءُ، اچي سيکين سٽ مان.

(٧)

هڪ سٽ پڙهيائين، ٻي سٽ واچڻ نه ڏني
اکين ۾ اتيائين، ته هي ڄر ڄيري نه جهليان.

(٨)

ڏامي موڻ نروار، ٿي هي ڄر ڄيري سنڌي
تهن پلڪ پڙهڻ وار، ڪارو سڙي ٿيو ڪانگڙو.

(٩)

رقعي منجهان راز، مڙيوئي معلوم ٿيو
نسورو هو ناز، سڀڪُل سڪ وارن سان.

(١٠)

رت اکين رويو، تو سا ٿي سنيها ڏئي
نهاران نچويو، ڄارون جر هاري گهڻو.

(١١)

پينـر ڪين پنيو، هي جو ڏامو ليڪ جو
خط خمار ڏنو، جيڪس پڙهندي پرين کي.

( ۱۲ )

پڙهندي پرزو پرينءَ جو، پيئڙ ڪينءَ پنو
خط خمار ڏنو، آيو ڏاڍو عجيب جي.

( ۱۳ )

روئي زارو زار، پرزو پرينءَ ڏي لکيوم
ڏنو خط خمار، اول ئي عبارت ۾.

( ۱۴ )

اِجا عبارت، لکڻ لڳس پرينءَ ڏي
روئندي پريون رت، اوڻ هڻي اکيون.

( ۱۵ )

آيو اوڏاهون، ساٿي سلامن سان
محبت جي مان هون، اها ويل نه وسري.

( ۱۶ )

نامو رات نيو، قاصد پار قريب جي
پورن منجهه پيو، واچيندڙ ورق جو.

( ۱۷ )

جا رُوَن لکيم جو، ڪاغذ قريبن ڏي
حقيقت جا حال جي، واچڻ ويٺو ڪو
پڙهندي پنو سو، تهن کي آنڊيون آيون.



( ۱۸ )

عريضو آڻي، قاصد ڏنو قريبن جو
هن ويلي هاڻي، سر ڪريان هي صدقو.

( ۱۹ )

قاصد ايندئي، پيو شوق ڪارڻ ۾
ليا پا ڏيندئي، ساٿي ساهه مٿي ويو.

( ۲۰ )

نامو سارو نيد، جو پڻ لکيو سڄڻا
رات برابر ڏينهن، مون ڪي گوندر گذري.

( ۲۱ )

ڪا جا ڪتابت، آئي يار پرين جي
صحيح سا ثابت، مون ڪان واچڻ نه ٿئي.

( ۲۲ )

پني ۾ پيغام، لکي مڪا سڄڻن
سي نه سمجهن عام، جي آهن منجهه اشارتين.

( ۲۳ )

ڪي جو لکيائون، پني منجهه پريت جي
اهو پسي آئون، بيخود ٿيڙس سرتيون.

( ۲۴ )

پرين سٽ سماءُ، ڏنو واچيندڙ کي
انهي خط منجهائون، ڇپون ڏس جيري ڪييون.

جهڙ تي هوا اپ طرف مکڙو کولي، ڇنڊڙي
چوري اهو بوندون جهٽيندو آهي، جي سڌو
وڃي سندس شڪم ۾ داخل ٿينديون آهن.
اهڙيءَ طرح سارنگ پنهنجي پياس اُجهائي پاڻ کي
تازو توانو ڪندو رهندو آهي. جيڪي سر
دي پکي آلاپي ٿو اهي راڳ جي ماهرن جهڙي
مٿن نالو رکيو آهي سارنگ. انهيءَ مٿين
ذڪر جي ثابتي جناب ڪرورامل صاحب
جن جي هيٺين بيت مان پڻ ثابت آهي.
جهن بزرگ پنهنجي خط ۾ پنهنجي ستڪر جناب
ڪرورامداس صاحب کي لکيو آهي.

تيرا مک سهاوا جي، سهج ڏن هاڏي
چڙهوئا ديکي، سارنگ هاڏي.

سارنگ جي ڳائڻ جو وقت تاڪ منجهند جو
ٿئي ويل آهي؛ ڇاڪاڻ ته هر چيز کي تپت؛
ٿئي ۽ ملهاري؛ بهاري جي قدرتي طرح کهرج
ٿئي ٿي.

# خيال پنجون
## (ميگهه ملهار)

## سر سارنگ

(١)

پريان ڪٺي جو پڙهي، ڪرمڪ جي ڍاڻي
وسائي وس ڪري، پلر جو پاڻي
بوندون وسن برهه جون، ڇم ڇم مان ڇاڻي
سچل ٿيو ساڻي، صاحب سارنگ آئي.

(٢)

مون ۾ آهين تون، تو ۾ آهيان مان
بجلي بادل سان، آهي جنءَ سهرين.

(٣)

سارنگ سڌا ساٿ، سرتيون سا ڏڻ آيون
ڦيريو راڳن ٿاٽ، وڃن ويس، وس ڪيا.

(١٢)

عالم کي آگاهه، سارنگ ڪندو آيو
ڪرڻ جن ڪوڙيون ڪري، ڪاهيون اچي ڪاهه
وايو سان وارا ڪري، ڪاهيون اچي ڏاهه
وسايائين وڏ ڦڙو، واڻن تي واهه واهه
گلزاريون ٿيو ڪاهه، پٽن تي پکڙا ٿيا.

(١٣)

اڄ اتر پورب پار ڏي، ڪڪر ڪڪوريا
سارنگ سر سرائيا، ساجهري سوريا
سرحد ۾ سارنگيون، چمڪ چڱا چوريا
آيو اتي اوريا، طبل تارون تيج سان.

(١٤)

وسي پيو وڏ ڦڙو، پکيون پيٽ ڀريون
ٻچا ريون پٽن تان، وڻ ٽاڻين وريون
کيرن جون ڪريون، چاڙهين ڏڌون چاهه مان.

(١٥)

چاڙهين ڏڌون چاهه مان، کيرن جون ڪريون
ولهيڙيون سي آيون، ڍٽن مان ڍريون
ٻچا ريون ڀريون، آيون وسائي وڏ ڦڙا.



(١٦)

والي وسائيج، ڌرڌڻي جو ديس
ڀريون مون ڀرديس، اُلهي ايندا وڏڙا.

(١٧)

مندون موٽي آيون، جهڙ جهجها جوٽيون
ڀلر سان ڀر ٿيا، ٻوٽا ٻوٽيون
هسي مينهن مهرجا، ميهون اچ موٽيون
ڇڙيو اچن ڇوٽيون، وڻ ٽاڻن ولر ڪيو.

(١٨)

والي وري تون، وطن تي وس ڪرين
مينهن وسندي مون، سڄڻ سار سنڀرين.

(١٩)

ديسا ديس وسي پيا، رحمت جا درياهه
گلزاريون ٿيو گاهه، ٻوٽن تي ٻڪرا ٿيا.

(٢٠)

سارنگ سعي ۾ آئي، سچل سعي چڙهن
متان اينده اوچتو، هاڻ ٿم ڦڙا ٿڏ
اجهاپي ڪا اڄ، وسڻ ڪان اڳي وڃي.

(٣٠)

اتران اوري، ڪئي ڇمڪي ڇمڪاٽ
اتان ڪيائين اوچتي، لس، ڀِلي تي لاٽ
منجل ٿيا مڪران تي، ڪوڙن جا ڪرڪاٽ
ڪڪرن مٿان ڪيچ جي، ڏڪي ڪاڏا ڦاٽ
وري ورتون وات، سچل سائي سنڌ جي.

(٣١)

سچل سائي سنڌ جي، وري ورتائون وات
جهڙ ڦڙ جهلي آيا، جهڙڪو ڏئي جهات
وسي پيا وڏ ڦڙا، کهير پسائي کهاٽ
لاٿي اڄ اسات، سارنگ سنگهارن جي.

(٣٢)

سارنگ آيو صبر ۾، ٻوڏن ڪئي بس
رنگا رنگي وس، قزح ڪڍي نيل تي.



## ڪافي

هيئون موتن مت آهي آهي
ڪير چوي ٿيا ناهي ناهي

١- فهم فراست عقل ارادت
ليئه بها سڀ ناهي ناهي
٢- مست ٿيا مخمور اڏاهين
ڪل نه پئي ڪهن ڏاهي ڏاهي
٣- ڏوڙا طالع تن جا جائي
يار جدي کي ڇاهي ڇاهي
٤- وس مڙيوئي يار سڄڻ جي
هئي نماڻي چاهي چاهي
٥- سگهه سياڻو يار سڄڻ سان
ڪين سچل چو ساهي ساهي

## ڪافي

آءٌ ٻانهي تون سائين، ٻانهن ٻانهن ڪهجي ۾ ڪهڙو
طوفان تهجي يار پيارا، ڪا ڳالهه اچن من ڪائين
نا ڏ مولا جي مهر هوئي ڪا، توڙا مون تي لائين
روز ازل کان تهجي آهيان، غير نه موڳي ٻائين
ڪڙي ساعت اڱڻ سچل جي، پير مبارڪ پائين

(٢٨)

مرلي تي تهن مره جي، ڪنيا ڪاريهن ڪر
پر چڙي پاهر ٿيا، نيالا نڪري نور
زهري منجهه زهر، جو ڪيڙي جهتي وتا.

(٢٩)

ڪنڊل ڪدن ڪرو جهي، خان چڙي خاني
جو ڪيسر جاني، راوي طرف روي هليو.

(٣٠)

راوي طرف رويو، جو ڪيسر جوان
هيڪر هير اُڪير ڪر، مره ٿيو مستان
سورن جو سامان، سچل ساڻ ڪڻي هليو.

(٣١)

چڙي چاه چهاب جو، راوي طرف رويو
مرليون سرليون ولجهليون، وڄائيندو ويو
ٿانيڪو ٿيو، ڏانگو نورنگ پرو.

(٣٢)

جوڳي آيو جوءِ ۾، مرڪڻو مسط دار
مرلي مستانا ڪيا، جهن جي لک هزار
ڪاريهر ڪردار، نيلا ناٿ نوائيا.

(٣٣)

منڊرا مڙهي، جوڳي آيو جوءِ ۾
پڙهيو سو پڙهي، منڊرا محبوبن تي.



(٣٤)

تهيون تن تڪي، جوڳي آيو جوءِ ۾
ڪهين قرب ڪٽي، رانجهو روليو رڃ ۾

(٣٥) [illegible]

نيتي نورنگ پر ۾، وهط ويو [illegible]
ڏوراها [illegible] ڏيئي [illegible] جهن جو چاڪ چڱا ساڻ.

(٣٦)

نيتي نورنگ پر ۾، وهط ٿيو وا
قسمت ڪاريا ڪموا، مالڪ لکيو منهن
ورهون ڪيڏي ويا، وره سندي واسينگ جو.

(٣٧)

ڪاري پڪڙي هير، مرلي ڪٽي منڪهن
سچو سري ڪيڻ ڪي، ويچاري وچن
لاڳو تني لکن، لکيو جهن جو لوح ۾.

(٣٨)

ڪٿي ڪير ميس، ڪٿي آميان ڪير
سالم اهو سير، سچل سڪ ڪرايو.

# خيال نائون

(راڳ ڏيلچ)

## سر سورٺ

(١)

سکي سر سورٺ ۾، سر جي اچي صدا
ٻڌي مڙئي مدعا، هو سدا سوالي سر جو.

(٢)

آهي سدائين سورٺ جي، سر ۾ سر جو سوال
ٿيندو ٿنواري هٿ هن، مايا مڙيون مال
وحدت جي وصال، سدا سورٺ سر ۾.

(٣)

[illegible] کي، سر سنواريو سر
ورامي سورٺ ور، سو ڏيڙ کان ڪٽي ڏري.

(٤)

اصل آئيراڻ جو، سورٺ ور سان وير
دغا وکي دل ۾، من ۾ رکيئن مير
ڪيڏو ڪي ڪولڪن، ڪرنا ري ڪير
غازي ڏاهي غير، هر ڪنهن سان هڪ جهڙو.



(٥)

آئيراڻي کي آڌر، ڏاتي ڪيو ڏياچ
ڏنڌن مڙد مٿير سان، ڪولسٽ جي ڪٽي ڪاچ
جنهن ڪٽي پوءِ جاچ، ٻيجل هٿ پرائڻ جي.

(٦)

آئيراڻي ٽي آڇيا، هيرا موتي لعل
ٻيجل ڪين پرائيو، زوري ڪيس زال
سستي لء ڏياچ جي، صاحب سليس سوال
وڃي لوچھ ڪرنار ۾، ٻيجل پائيتال
پيا جواهر جال، جانب جهولي تو وڃهان.

(٧)

جانب جهولي تو وڃهان، پيا جواهر جال
مٿي ڪاٽ ڏياچ جي، سڪندي تيڙ مسال
بيحد بخشان ۾ بوڏلا، مايا مڙيون مال
ڪر پلائي پال، سرڙي سر ڏي ڏياچ جو.

(٨)

ٻيجل تندون تيڪ مان، ڪهڙل ڪيئن تيار
اصل هيو نر امرو، مکٽو مڱڻهار
لنکهو لائق هو مکر، لڪ ڪيس لاچار
عام هٿي هوشيار، هليو ساز سرود سان.

( ٩ )

ملیو ساز سروہ سان، ڪري الله توھار
ڇوٽيءِ چاڙمي چنگه کي، توڙئين تند تنوار
عرض ڪيائين آڪا کي، سوبِ ڏئين ستار
ڏاتر مون ڏيڪار، ڏولي راهه ڏيا ڇ جي.

( ١٠ )

ڪنگرا ڪوٽن جا، ٻڌيان ڏڏا ٻاٽ
سنهيري سرودن سان، سالڪ ڪيا سات
ڦيري سازن ڏات، سوريئين سر سورٺ کي.

( ١١ )

سوري سر سورٺ کي، تندون ڪيئن ڏازيون
دائي داور کي ڪيون، عجز مان آزيون
دره جون ڏازيون، ڪيڏ سان ڪٽاءِ مون.

( ١٢ )

ڏي ڏاٽ سروہ جو، ڪڍائين وينو ڪوٽ
تنوارياڻين تندڙي، اٿي ڀراوت
چارڻ جي چنگه جي، ڇڪي لڳي چوٽ
ڪهر ڪٽي پوءِ کوٽ، ڀڃي پان پوڙارڪان.



( ١٣ )

ڀرائڻ لءِ ٻاٽ کي، ڪنيئر کوايسو
سالڪ سندي ساز کي، صاحب سهرايو
لنگهي ڪي لاڳهه ڏيو، فائق فرمايو
ٻاٽ وڃي پايو، پٽ پٽيهو ڏانهوا.

( ١٤ )

ڀڳڙ اڳيان ڀول جي، ٻيجل ٻولايسو
لنگهي لاڳهه نه لهڻا، نه پٽ ڀڙٽ آيو
سناجهي ڪر سعيو، سر جي سورٺ ورتون.

( ١٥ )

سر جو سورٺ ورتون، سکهي ڪر سعيو
مگڻي موتڙ مهڙو، جو داڻا ڊرآيو
ڪٺي ڪڙو نه وٺي، ٻڌل وکر ورهايو
ڪات ڪلهين پايو، ته ڪامل اهين قبول هو.

( ١٦ )

سڄڻ ھن سائل جي، ڪيو ھاڪ ڪي حيران
هيرا موتي موتيا، دايو وٺي لسدان
مگتو مهمان، سدا سوالي سر جو.

## ڪافي

پيچرو نہ مهنجي ذات - جوئي آهيان سوئي آهيان

١- اڄ اسان جو ٿيو اٿاهين
جاتي ڏيهہ نہ رات

٢- ظاهر ٿيا سي ذاتي وچان
سمجهڻ منجهہ صفات

٣- "لا - کي" لاهي نفي کيو سي
الا الله اثبات

٤- سچا سر صحي ڪر پنهنجو
عشق منجهان عشقات

## کنيات

هن سر کي پنجاب ۽ هندستان جا ماڻهو کماچ ڪري ڪوٺيندا آهن، کنيات جو سر رات جي ٻئي پهر کان ڳائڻ شروع ڪبو آهي. هن سر جي ٻڌڻ سان دل کي ڌيرج اچيو وڃي. هن سر جي نالي سان گجرات ملڪ جي اولهہ ۾ هڪ نار آهي، جنهن تي کنيات جي هڪ بستي پڻ ٻيلل آهي، جنهن ۾ "سکمپ" نالي مهاديو جو هڪ چشمو بہ آهي. ممڪن آهي تہ انهي سر اصل ۾ انهيءَ ملڪ مان منهن ڪڍيو هجي، ڇاڪاڻ تہ کنيات جو شهر اوائلي کو معمولي شهر ڪين هيو. هي هندن جي تيرٿن جي هڪ مکيہ مڪان هيو. عربن جي واپار جو هندستان ۾ هي هڪ هيڊ ڪوارٽر هيو. انهيءَ کان سواءِ گجرات ملڪ ۾ علم موسيقي جو گهڻو سمي چڱو چرچو رهيو آهي، تهن ڪري سورٺ جي سر

# جوڳ

جوڳ ڀيروي ٺاٺ جو راڳ آهي، جو اڪثر رات جي ٽئين پهر ۾ ڳاتو ويندو آهي. جوڳ جي معنيٰ آهي اگني روپ (آتش ڏگر). اهو نالو جوڳين تي سندن گيڙو (اگني رنگ) پوشاڪ باعث پيو ٿو ڀاسجي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هن سر ۾ غم الم جي آتش جا آڙاه سمايل آهن. هي سر جوڳي پنهنجن مرلين ۾ اهڙي ته مستي ۽ موج منجهان آلاپيندا آهن، جو ڏانگه به نچايو ڇڏين. ڇا مجال آهي ڪا ريهر ڪي جو جوڳ جي جهونگار تي ڪنڌ ي ڪر نه ڪٽي. هن سر جي ڳائڻ وقت ائين پيو ڀائجي، ته گويا محفل اندر ويراڳ جي مدرا جون وهيون پيون واهجن. ماتم جا ته منجهس مٺا ماهيل آهن.

# خيال ٻارهون

## سر جوڳ

(جوڳين جو [illegible])

( ١ )

ڪنگا ڪان [illegible]، آءِ ڪن ڪت ڪاپڙين جو
ڪٿ هن لوڪ نه لڌيا، سدا تن سفر
آهي نام [illegible]، اٿهن آڏوتن جو.

( ٢ )

جوڳي آهن جي، گوش گنگا ڏي تن جو
آهن ڪوڏيا ڪات جا، ڪن ڪت ڪاپڙڪي
سر سڃيا هن سي، جني ناتو ناٿ سان.

( ٣ )

ڏوڳي منجهه ڏيان، آهي آڏوتن جو
گم ٿي گرگم گوڏڙيا، ڪن ڪروڙي گيان
اصل ڪان اشنان، گنگا جمنا تن جو.

(٧٠)

ڏاها ٿيءُ نہ ڏوار – وڃي موٽي ٿي ويڄڙو
ڪر ڪا لوڪي ڳالهڙي، جا هوئي رات حضور
دوست اکين دستور – ڪي تعظيمون توکي ڏيون.

(٧١)

زاغ زبانون ڪيي، اهائي وائي
ڀريان سندي ٻار جي، آ توکي واڏائي
پڇي حقيقت حال جي، هت ساجن سيائي
تہ ڪي عاشق خوش اسانجو، ڪل ڏجانءِ ڪائي
مونسان بيحد ڀلائي – ڪئي پرين پارون پنهنجي.

(٧٢)

الله لڳ اڏام – تون موٽي محبوبن ڏي
وڃي ڏيج پرينءَ کي، ٻاجهہ جي پيغام
ڪري قدمن تي پٺي، سو لکہ ڏج سلام
آهي اوهان لءِ سڪ پرين، مڙيوئي ماقام
اڇڻ جو انجام – ڪر سکهو طرف سچل جي.

(٧٣)

پکي سوئي پر – اچ اُڏا ڪو اوڏهين
رسيو وڃي اتهين، ٻالڪي مدجهہ پهر
خاص وٺي خبر – موٽيون ماڪن پاهجي.



(٧٤)

ڏار ڇڏيو ڏاهو – توڏيهر دلاسا دل کي
صبح ساڻيا هو – اڳڙي آ عجيب جو.

(٥٧)

پکيڙا پويان ءِ – لڏو موٽڻ موڙ ۾
آءُ اڏامي اوڏڙو، جهولي ۾ جهويانءِ
سپ ڪدپ ڪتوري ۾، لاکيڻان لويانءِ
سڄر ۾ سوڻانءِ – هڪ ڪري هٿن سين.



## ڪافي

ڏاهي ڀاروچو ٿيو – آهي اهو جو روز ڏسان ٿي
١. ويٺي هيڙس وات تي – اچي وسيلو ٿيو
٢. ماڙيءَ ۾ معشوق ڏٺو سي – لعلن پائي ويو ليو
٣. جتن ڪيچ جتن جو – سنگ سڀ سان ٿيو
٤. سير ساروئي صورتين – پاڻ قريبن ڪيو
٥. ڪيو سچل کي سرتيون – انهن خمارن ڪيو

## ڪافي

لنگهي ويون ڪاله قطارون – ڪونجڙين جون ڪيچ وطن ڏيهه
١. ڪنديون وبون ڪيچ ڏي – طرحين طرحين تنوارون
٢. ولر ڪيو وڙڪن ويچاريون – ڦٽي ٿيون سي ڦارون
٣. ولر ڪونجڙين جو – ڪهن اندوه اڏاريون
٤. انهن جي افسوس جون – پونديون نيٺ پچارون
٥. سچل هليو سوز ۾ – لاهي لوڪ ميارون.



## ڪافي

جيءَ آئين پلي آئين
ڪهڙن منزل مون ڀچائين تون
١. سرمد کي ڏئي لت کهائي
سوريءَ تي منصور چڙهائي
شيخ عطار جو سر وڍائي
هيڏي پنڌ پڇائين تون
٢. ذڪريا کي ڪرت چيرائي
يوسف کي منجهه کوه وجهائي
شمس ملن جي هٿان مارائي
عاشق ٿو آزمائين تون
٣. جڙيو ڪفر صنعان وجهائي
بلي شاهه کي ذبح ڪرائي
جعفر کي درياهه ٻوڙائي
ڪن کي پار لنگهائين تون
٤. کهاٽي ۾ بلاول پيڙائي
شاهه عنايت ميدان مارائي
سچل سدا پنڌ پڇائي
عاشق ڏس آزمائين تون

## ڪافي

مَن غريب جو حال – توکي معلوم آهي
١. صدقي ڪندس سو ساهُ تان – هيو سڀ ملڪ ۽ مال
٢. دوست اوهان ڏي ديس ۾ – ڇڏڻ آهه جنجال
٣. چٽي ٻڌايان ڪيترو – آريا ڏٺئي احوال
٤. منهن سچل جو سهرين – سائين لکيو سوال.

## ڪافي

اڄ هوتن ري مت هاڻ – هيا ڪير لهن مون ساران
١. قاصد ڪيچ وطن ڏانهن – آغا سکيو آڻ
ني روز وڃايان ڏاران
٢. وڃان وڃاڻان ڪيترا، ڪريمن جي ڪاڻ
يار ملن شل ياران
٣. آيون انهيءَ پار ڏانهن، اڏيون ڪري اڪاڻ
ڪونجن جون ۾ قطاران
٤. سنجهي صبح سرتيون، پاروهي جي پاڻ
آهن سچل کي سنهاران.



## نوٽ

نمبر ٢ مصرع ۾ "آغا" لفظ آيل آهي. انهيءَ مان اسانکي سمجهڻ نه کپي ته اهو ڪو آغا جو شعر آهي. اهو ڪلام جهڙي طرح مير صاحب جي قلمي رسالي ۾ پڻ مرزا صاحب واري ڇاپي واري رسالي ۾ آيل آهي تينءَ لفظ به لفظ هتي ڏنو ويو آهي. ساڳي طرح اهو ڏالو (آغا) فقير صاحب پنهنجي فارسي جي ديوان آشڪار جي "ء" جي رديف ۾ پڻ آندو آهي.

"والله عالم بصواب".

## ڪلام

حق پاڪ هئي حق پاڪ هئي حق خالق الاخلاق هئي
ڪب خورم و بيباڪ هئي ڪهين غاضب و غمناڪ هئي
ڪب حيدر قرار هئي مشڪلڪشا دلدار هئي
ڪب دلدل سوار هئي ڪب مالڪ افلاڪ هئي
ڪب شه حسين و شهه حسن رنگين پايا پيرهن
ڪب سبز ڪب سرخ و بدن واه واه خوش پوشاڪ هئي
ڪب تها عدو ڪب يار تها ظلمات ڪب انوار تها
سچل يهي اسرار تها ڪب عيش ڪب دل چاڪ هئي

## سرمست جو فارسي شعر

## ڪلام

اگر خود را خدا داني خدائي
وگر خود را گدا داني گدائي
اگر داني تو خود را تا ڪه ڪل
پس آنگه در گلو محبوب آئي
بهر جا آنچه بيني جلوهٔ اوست
بگو با من ڪه باقي تو ڪجائي
بود شب روز با تو يار مونس
ڪه فرق مو نميدارد جدائي
خدا مخفي ست در دل آشڪارا
ڪه خوش دارد صفائي با وفائي

## کلام

دلا بگذر ز شیخی و ز پیری
برو بگزین رسم و رہ فقیری
اگر مردم ترا درویش خوانند
مبارک باد خوشتر از امیری
بلا خلل ست مسکینی غریبی
بود بر فتنه شاهی هم وزیری
که فخر و فقر کی گنجد بیکجا
ولی الفقر فخری را بگیری
اجل هرگز بتو راهی نیابد
که موتو قبل موتو گر بمیری
بسی شاعر نهان شد آشکارا
کجا ذوقی کجا رفته حقیری



## کلام

در دو عالم بادشاه عشق سیار آمده
که بمومن که بمسلم که بکفار آمده
نعرهٔ انا الحق زده منصور بر سردار شد
تیغ عشقش ناگهان بر شیخ عطار آمده
تا کر ز لاهور سرمد رفت و در دهلي رسید
سر بریده زخود تکرار بیزار آمده
در طریق عاشقی صنعان برفته خویشتن
کرده سبحه بر طرف در زیر زنار آمده
شاه شرف الدین قلندر بو علي سردار عشق
یار قاتل او ببین از ملک تاتار آمده
نجم الدین کبرا و عبد الله هروي هردو یار
قتل کشته آن زنیزه عشق درکار آمده

## ڪلام

ما سبق خوانديم از ديوان عشق
هست در هردو جهان سلطان عشق
رمز الانسان سري گوش کن
باليقين دان صورت انسان عشق
عشق غيري نيست گر پرسي رسا
في الحقيقت هست آن رحمان عشق
او نگنجد در زمين و آسمان
گر بدل آيد کسي جولان عشق
زود شو اي آشکارا سر بده
آمده بر عاشقان فرمان عشق

# صوفي اصطلاح

## الف

آب حيات = ١. عشق ۽ محبت جو چشمو جنهن شخص ان مان ڍڪ پيتو سو ڪڏهن به فاني ۽ معدوم نه ٿو ٿئي ٢. دم، جو حياتيءَ جو هڪ وسيلو آهي يا خود حياتي آهي.

اثبات = (ثابت) ١. عبادت جي حڪمن کي بجا آڻڻ ٢. حق کي ثابت رکڻ باقي باطل ڪرڻ ٣. ملڪ جي چيزن جو ثابت ڪرڻ. اسلام جي ڪلمي جو ٻيو حصو (الا الله)

احد = (احد – هڪڙو) ١ اسم ذات جنهن سان صفت جو واسطو ڪونهي۔ "الاحد المتوحد با الصفات" (احد صفات ۾ اڪيلو آهي)

آدم = (آدم – سو انسان) خدا ۽ روح عالم جو خليفو. جو ڪجهه خدا تي اطلاق ڪرن ٿا ان جو اطلاق خدا جي خليفي تي به روا

### د

دل = ۱. لطيفو روحاني ۲. خيال ۳. عشق ۴. کبي پاسي هڪ صنوبري شڪل گوشت جو ٽڪر ۵. ڪعبو (بيت الله) خطرن جو محل.

دل اگر اين خانهٔ آب و گل است
هرهم از اقبال تو صاحب دل است

### ذ

ذوق = الاهي تجلين جي شروع ٿيڻ واري منزل کي صوفي ذوق جي منزل سڏين ٿا.

### س

سالڪ = جنهن پهنجي مقامات کي پهنجي حال سان طئي ڪيو هجي. انهيءَ صورت ۾ ان جو حال ۽ مقام بغير علم جي هڪ ٿي ويندو.

سڪر = دل ۾ قوي خيال جي اچڻ سبب ان غفلت جو پيدا ٿيڻ.

سوا = الله جو خلق ۾ لڪڻ ۽ خلق جو الله ۾.



### ش

شراب = ۱. عشق الاهي ۲. دم ۳. معرفت جو نشو ۴. تجلي ۵. مستي.

شوق = ۱. دل کي سندس خواهش کان ڇڏائي محبوب جي لقاء طرف ڇڪڻ ۲. حق جي طرف ڪشش.

### ط

طالب = ۱. اهو شخص جو طبعي شهوتن ۽ نفساني لذتن کان لنگهي ويو هجي ۲. خودي ۽ دوئي ۾ قائل نه هجي ۳. ڪثرت کان وحدت ۽ وحدت کان ڪثرت طرف اچي وڃي ۴. اهو جنهن کي ٻنهي جهانن ۾ سڪون (ٻيهڪ) ناهي ۵. جنهن کي ڪنهن به مقام ۾ قيام نه هجي.

طلب = ۱. ياد حق ۲. حق جو خيال.

ٿا جن اسلام جا مذهبي ڪتاب لکيا آهن ۽ قرآن شريف ۽ حديث شريف وغيره جون شرحون لکيون آهن. اهي چارئي امام اسلام جي سند آهن. امام حنبل صاحب انهن مان هڪڙو آهي.

٢. امام اعظم صاحب عرف (انعمان)
٣. امام شافعي صاحب.
٤. امام مالڪ صاحب.

طفوليت = (طفل = ٻار) ٻارڪپڻ

انا احمد بلا ميمي = مان احمد آهيان سواء ميم جي يعني (احد = خدا)

فردا = سڀاڻي.

گهت گهت = گهٽي گهٽي.

## خيال ٽيون
### (عشق مجاز)

---

### سر پيروي

مجاز = راه - لنگهي وڃڻ جي جاء - لنگهه غير حقيقت - عشق مجازي - ظاهري صورت جو عشق.

المجاز قنطرة الحقيقت
مجاز حقيقت جي پل آهي.

غماز = غمزه ڪرڻ - طعنو هڻڻ - اکين جو اشارو ڏيڻ - سخن چين.
(اصل غماز اسم فاعل آهي.)

الميلن = لاڏلن - پيارن - محبوبن.

نخوت = فخر سان گڏيل ناز - وڏائي - لاغرضي

قوس قزح = (قوس = ڪمان، قزح = قزحه = ٻڌائيندڙ)
رنگارنگي ڪمان - ڏکي ڪمان - قزح فرشتي جو نالو آهي جو بادلن جو منتظم آهي. هندي ۾ نالو مينگهه انس. قوس قزح

نشر = ڇڙ وڇڙ ٿيڻ.

جڏهن حضرت علي اها نفول ٽوٽاري لهري دار يعني هيٺ مٿي آوازسان وڄائيندو هو تڏهن سڀ سپاهي ڇڙ وڇڙ ٿي ويندا هوا جهن کي هو "نشر" چوندا هوا. اڄ سوڏو فقير اها نفول حضرت علي جو نشان ۽ يادگار سمجهي مٿن ٻنهن قسمن [حشر، نشر] جي نموني وڄائيندا آهن ۽ حشر ۽ نشر جي لفظن ۽ اصليت جي ڳالهه کان ڏورن کي هوندي.

اوتي = هاري - ڀلتي.
آتي = چوي (ماتو - مان آتهو = مان چهو)
نوبت وڄائي = وارو وڄايو.
انا الحق = مان سچ - مان خدا. اهم برهم.
انا احمد بلا ميمي = مان احمد آهيان، سوا ميم جي يعني مان احد (خدا) آهيان.
مسيتن = مسجدن (مسجد مان نڪتل آهي)
خدائي = سچل سرمست جو ٻهريون تخلص (شعر جو نالو)
ڪافر = (ڪفر = ناشڪري) ناشڪر- خاص خدا صاحب جي نعمتن جو ناشڪر.
ڪفر = ٻج لڪائڻ - خدا جي هستي جو ٻج لڪائڻ.



مومن = (امن = سلامت) سلامتي ۾ آيل. ايمان وارو- اسلام جي پيروي تي پورو.
پرجهي = سمجهي.
وحدت (ڏسو صفحه ٢٩٠ )
احديت (ڏسو صفحه ٢٩٠ )
ڪثرت = (ڪثر = گهڻو) گهڻائي.
قصر = محل.

سر = ڪتنب - راڄ.

ڇيڇي ۽ ڪکي = مڇي: مڇي جي اندرين ڪند
کي ۽ ڇيڇي چوندا آهن.

راض = مهرباني - راضپو - راضي رهڻ.

راز = ڳجهه.

آريون (آرد) آرو - ناڻ.

سيباڻي = پسند پئي - وڻي.

ڪني = خراب - بوءِ ناڪ - مهاڻي.

ڪلسا = (ڪلس = چلر) چلڙ واري مڇي.
ڪلسي مڇي گهڻو ڪري ڪاري پاڻي ۾
ٿيندي آهي.

ڪلوري = مڇي جو قسم.

ڪالورا = مهاڻا.

ٻوري = ڪمن واري ڪڏ ۾ گاهه جي نموني ٻن
ٿيندي آهي ان جي متان ڪل ٿئي ٿو جهن
۾ زرد ٻورو ٿئي ٿو اهو پٽي انهجا مٺيا
ڏي ٻوري تيار ڪندا آهن جا رنگ جي
هيڊي ٿيندي آهي ۽ بازار ۾ وڪامي آهي.

اڏو ٻنڌ = لانگوٽا - چوٽا.

قصه ... = اڇا ڪپڙا - ٻيڪيدار اميري ڪپڙا.

# خيال اثون

(سمو ڪندري)

---

## سر ڪليان

ڪليان = آنند - سک - آرام - راڳ جو قسم.
(صفحه ١١١)

سمو = ڄام طماچي، جو سنڌ جو حاڪم ٿي گذريو
آهي ان جي ذات سمو هيو. سما اصل
راجپوت هوا.

ڪندري = مهاڻي - ڪني - بدبو واري.

ميڻي = ماڇڻ.

شفقت = مهرباني.

گاندر = مهاڻي. هي مهاڻن ۾ هڪ خاص ذات آهي.

عار = عيب - شرم - مهڻو.

مدار = آسرو.

ڪينجهر = ڍنڍ جو نالو.

لڄ رهائين = لنگ ڍڪين.

ڄارو = مڇين ڦاسائڻ جي ڄاري.

[illegible] ڪنهيو.

## ڪافي

مٿا = سر.
ميخان = (مئي - شراب) شراب گهر.
وٽي = شراب جو پيالو، ساغر، جام.
نسنگر = نروار.
ناتي = ڳانڍاپي.
ڪن فيڪون = ٿي ۽ ٿي پيو. (قرآن).

نوٽ - هي اهو غيبي آواز آهي جو هن سنسار جي سرشٽ وقت قدرت جي منهن مان نڪتو هو. جنهن جي معنيٰ مٿي ڏيکاريل آهي.

پرٽ = وڇڙ.
ڪن = ڪن فيڪون جي پهرين لفظ "ڪن" (ٿيءُ) طرف اشارو ڏنل آهي.

درپن = آرسي.
فاروقي = فاروق حضرت محمد (صلعم) جي ٻي خليفي حضرت عمر جو خطاب آهي. انهيءَ جي اولاد کي فاروقي سڏيندا آهن. درازن [illegible] فاروق آهن، تنهن ڪري سچل سرمست



(جو پاڻ به فاروقي هو) اهو اشارو پنهنجي مرشد پير عبدالحق صاحب طرف ڏنو آهي يا حضرت عمر فاروق طرف ڪيو اٿس. فاروق لفظ جي اصل معنيٰ آهي "فرق ڪندڙ" حضرت عمر کي انهيءَ ڪري فاروق سڏيندا هوا جو هو عدل ۽ انصاف ۾ پورو فرق ڪندڙ هو. کيس عمر عادل به سڏيندا آهن.
(ڏسو صفحو ١٠٩)

فهمائي = (فهم = سمجهه) سمجهائي.

ڦڪڙي = (ڦڪ) ڦڪڙي - ڦڪر - ڦڪ - سرڪ.

مافا = ڏوليون. پالڪيون.

موتئين = موتين سان جڙيل.

جڙاءُ جواهري = جواهرن سان جڙيل.

چاشنيون = مصري جي چاش ۾ پڪل چانورن جو زرده پلاءُ. هن کي زردو به ڪري ڪوٺيندا آهن.

حلال = [حل = آسان] آسان ٿيل چيز - موڪل مليل چيز - يعني جنهن جي واپرائڻ جي اجازت هجي.

حرام = [حرم = منع] منع ٿيل چيز يعني جنهن جي واپرائڻ جي منع هجي.

سبيل = (وات) مٽي جهجها - کهٽا.

موري = ڪاٺي - ڪپي.

عطائي = جنهن کي هنر عطا ٿيل هجي - جنهن کي قدرتي فن مليل هجي - فقير.

مهمير = [مهه = وڏو، مير = شاهه] شاهنشاهه - مهاراجا.

ڪافي



ڪسب = ڌنڌو - پيشو.

ڪسبڻ ڪٿي = ڌنڌا ڌوئيندي.

نوٽ - سرمست ٿو چوي ته توُن هردم عشق جي درياءَ ۾ غرق رهه ۽ ان جي بدنامي کان ڪين ڊڄ. باقي اهي ماڻهو جن جو عمل ۽ سڏ يون ڪرڻ يا ڪشف ڪرامتون يا پنهنجي پڙهائيءَ تي ڀاڙڻ سڀ ڪسب ۽ ڌنڌا ڌوتا اٿئي. انهن سان ڏٺي جو ديدار نه ٿو ملي.

وٽئون = وچ.

حجاب = پردو.

ورهين = [ورهه - فراق - عشق] ورهه کان.

خمار = [خمر = شراب] نشو.

سردار = [سر = مٿا، دار = ڦاهي] ڦاهي جي مٿان.

# باقي ڀل نپاهو

| غلط | برابر | صفحو |
|---|---|---|
| شهر | شعر | ٢٠ |
| الفرض | الغرض | ٣٢ |
| خوف ڪاڪ | خوف ناڪ | ٣٨ |
| ڪوفتگو | گفتگو | ۴٢ |
| شيده | پوشيده | ۴٨ |
| طرقو | طريقو | ۶٠ |
| پاڻي | پارط | ٩٨ |
| جزبي - جزبو | جذبي - جذبو | ١٠۴ |
| ستارو | سارو | ١١٧ |
| نشيني | نشين | ١١٨ |
| اولا | الاد | ١٢٠ |
| اتلو | التو | ١۴٢ |
| ڪنا | ڪنان | ١۶٠ |
| منهجو | مهنجو | ١٧۴ |
| پنگوڙين | پنگوڙين | ١٨٩ |
| روب | روپ | ٢٠۴ |

| غلط | برابر | صفحه |
|---|---|---|
| آبکار | آشکار | ۲۳۰ فارسي شعر |
| ڊ | ڍ | ۲۳۸ صوفي اصطلاح |
| ڊڪرو | ڍڪرو | ۲۴۷ " |
| نيشاني | نيشان | ۲۸۴ شرح معنيٰ |
| خظاب | خطاب | ۳۲۵ " |

## نوٽ

صفحه ۲٦٥ جي آخر ۾ جيڪا پل نامي جي ست ڇپيل آهي سا غلط ڇاپجي ا ها ۳٦٥ صفحه ۾ آيل آهي.



آغا صوفي درازي
( مهتمم "سچل سرمست" )
شڪارپور سنڌ